SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVII مجريه 2021

# SINDH ACT NO.XXXVII OF 2021

# ايجوڪيشن سٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE EDUCATION CITY (AMENDMENT) ACT, 2021

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ XVI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act, XVI of 2013

3. 2013 جي سنڌ ايڪٽ XVI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act, XVI of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVII مجريه 2021

# SINDH ACT NO.XXXVII OF 2021

# ايجوڪيشن سٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE EDUCATION CITY (AMENDMENT) ACT, 2021

[28 ڊسمبر، 2021]

ايڪٽ جنهن ذريعي ايجوڪيشن سٽي ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد
(Preamble)

جيئن ته ايجوڪيشن سٽي، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛
ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ايجوڪيشن سٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. ايجوڪيشن سٽي ايڪٽ، 2013 ۾ هن ڪانپوءِ دفعہ 2 ۾ ڄاڻايل ايڪٽ جو حوالو ڏنو ويو آهي.

i. شق (e) کي ختم ڪيو ويندو،

ii. شق (l) ڪانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل نئين شقون شامل ڪيون وينديون:-

"(l_i)"پروجيڪٽ ڊائريڪٽر" مان مراد پروجيڪٽ تي عملدرآمد يونٽ جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر؛

(l_ii) "پروجيڪٽ امپليمنٽيشن يونٽ" مان مراد آهي ايجوڪيشن سٽي پراجيڪٽ جو پراجيڪٽ امپليمنٽيشن يونٽ، جنهن ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ صلاحڪار عملي جي سربراهي ۾ پراجيڪٽ جي پڄاڻي جي لاءِ ذميوار اٿارٽي شامل آهي."

2013 جي سنڌ ايڪٽ XVI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act, XVI of 2013

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

"(2) بورڊ مشتمل هوندو-

i. چيئرمين، سنڌ هائير ايجوڪيشن، ڪميشن — چيئرپرسن

ii. وڏي وزير جو خصوصي معاون براءِ سيڙپڪاري کاتو. — وائيس چيئرپرسن

2013 جي سنڌ ايڪٽ XVI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act, XVI of 2013

| | | |
|---|---|---|
| iii. | مقامي علائقي مان هڪ قومي اسيمبلي ميمبر (ايم اين اي) جنهن کي سنڌ جي وڏي وزير طرفان نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |
| iv. | سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ ميمبر (ايم پي اي) مقامي علائقي جو اسپيڪر، سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ طرفان نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |
| v. | سينيئر ميمبر، بورڊ آف روينيو سنڌ | ميمبر |
| vi. | سيڪريٽري سنڌ حڪومت، سيڙپڪاري کاتو | ميمبر |
| vii. | پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، ايجوڪيشن سٽي پراجيڪٽ | ميمبر / سيڪريٽري |
| viii. | بورڊ جي ذريعي ٻه اسٽيڪ هولڊرن کي نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**